# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريه 1981

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1981

# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1981

# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1981

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Act VII of 1870

3. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

5. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act I of 1964

6. 1965 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ I جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act I of 1965

7. 1971 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعه 2 جي منسوخي

Repeal of Section 2 of Sindh Ordinance VII of 1971

8. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم

Amendment of Sindh Act XV of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر XII مجريہ 1981

# SINDH ORDINANCE NO.XII OF 1981

# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1981

# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1981

[29 جون 1981]

سنڌ صوبي ۾ ڪن ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز کي معقول بڻائڻ، انهن ۾ واڌاري آڻڻ ۽ ڇوٽ ڏيڻ ۽ ڪجھ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪن ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز کي معقول بڻائڻ، انهن ۾ واڌاري آڻڻ ۽ ڇوٽ ڏيڻ ۽ ڪجھ قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي، تنهن ڪري پنجين جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ پرووينزل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي ۽ پهرين جولاءِ 1981 کان لاڳو

ٿيندو.

commencement

2. ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ ڀيرين شيڊول ۾، آرٽيڪل 1 ۾، نوٽ ڪانپوءِ هيٺيون شامل ڪيو ويندو:

1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم

Amendment of Act VII of 1870

"چوٿ. فٽل ايڪسيڊنٽس ايڪٽ، 1855 تحت نقصانن جي معاوضي لاءِ ڪنهن بہ درخواست، ميمورنڊم يا اپيل ڏيڻ تي في نہ ورتي ويندي".

3. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، شيڊول I ۾:

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم

Amendment of Act II of 1899

(a) آرٽيڪل 1 لاءِ، هيٺيون متبادل بڻايو ويندو.

"1. هڪ سئو سٺ رپين جي رقم يا ملھ بابت قرض جي رسيد، جيڪا قرضيءَ يا هن جي طرفان لکيل ۽ صحيح ٿيل هجي، تہ جيئن بئنڪ جي پاس بڪ يا ڪنهن بئي پني جي ٽڪر تي لکڻ بدران ڪنهن ڪتاب ۾ ڏني وڃي، جيڪو بڪ يا ڪتاب قرض ڏيندڙ جي قبضي ۾ آهي؛ بشرطيڪ اها رسيد ڪنهن واعدي تي ٻڌل نہ هجي تہ قرض واپس ڪيو ويندو يا ان تي ڪو وياج ڀريو ويندو يا ان جي معاوضي ۾ ملڪيت يا ڪي شيون ڏنيون وينديون. -------------- پنجاھ پئسا"

(b) آرڊيننس جو آرٽيڪل A_1 ڪڍيو ويندو.

(c) آرٽيڪل 4 جي ڪالم 2 ۾ ڪم ايندڙ لفظن "چار رپيا" کي لفظن "ڇھ رپيا" سان متبادل بڻايو ويندو.

(d) آرٽيڪل 23 لاءِ، سواءِ ڇوٽ جي، هن طرح بدلايو ويندو:

“23. Conveyance جيئن دفعه 2(10) ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اهو آرٽيڪل 62 هيٺ منتقلي جو معاوضو يا ڇوٽ نه آهي.

جتي ڪنوينس لاءِ ملهه يا رقم ڪٿي ٿي وڃي پر اها پنج سئو رپين کان نٿي وڌي.

................. 30 رپيا

جتي اها پنج سئو رپين کان وڌي ٿي وڃي ته پوءِ هر واڌارو پنج سئو رپين يا ان جي حصي لاءِ

................. 30 رپيا

(e) آرٽيڪل 24 جي شق (ii)، ڪالم (2) ۾ ڪم آيل لفظن “چار رپيا” کي لفظن “ڏهه رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو.

(f) آرٽيڪل 25 جي، شق (b)، ڪالم (2) ۾ ڪتب آيل لفظن “چار رپين” کي لفظن “ڏهن رپين” سان متبادل بڻايو ويندو.

(g) آرٽيڪل 26-A ڪڍيو ويندو.

(h) آرٽيڪل 48: -

(i) شق (b)، ڪالم (2) ۾ ڪتب آيل لفظن “پنج رپيا” کي لفظن “ڏهه رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) شق (c) ڪالم (2) ۾ ڪتب آيل لفظن “پنجويهه رپيا” کي لفظن “پنجهتر رپيا” سان متبادل بڻايو

ويندو:

(i)آرٽيڪل 53 لاءِ سواءِ ڇوٽ جي، هن ريت بدلايو ويندو:-

"53. رسيدن جي وضاحت دفعه (23)2 ۾ ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪنهن دولت يا ٻي ملڪيت لاءِ هونديون ۽ جن جو ملهه يا قيمت هڪ سئو سٺ رپين کان مٿي هوندي.

........................ 50 پئسا

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

4. سنڌ موٽر وهيڪل ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾ جريان نمبر 5 تي ڏنل داخلائن کي هن ريت متبادل بڻايو ويندو:

"5. ذاتي مقصدن لاءِ ڪم ايندڙ موٽر گاڏيون-

(a) اهڙيون موٽر گاڏيون جنهن ۾ ڇئن ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش کان مٿي نه هجي.

(i)Kwt 7.46 کان مٿي نه هجن......... 320

(ii)Kwt 7.46 کان مٿي پر Kwt 13.43 کان گهٽ هجن......... 360

(iii) Kwt 13.43 ۽ ان کان مٿي......... 480

(b) اهي موٽر گاڏيون جن ۾ ڇئن ماڻهن جي ويهڻ کان وڌيڪ گنجائش هجي ته پوءِ هر هڪ اضافي سيٽ لاءِ-

(i)Kwt 7.46 کان جيڪڏهن مٿي نہ هجي..... 50 في سيٽ

(ii)Kwt 7.46 کان مٿي هجي..... 90 في سيٽ

5. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول ۾۔

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي ترميم

Amendment of West Pakistan Act I of 1964

(i)جريان نمبر 3 ۾ ڪيل داخلا ڪي هن ريت بدلايو ويندو:

"3. خانگي ۽ غير ملڪي ڪمپنيون جن جي موڙي جو حصو ڏنل هجي۔

(a) جيڪي هڪ ملين رپين کان مٿي نہ هجن.... 500 رپيا.

(b) جيڪي هڪ ملين رپين کان مٿي هجن پر اڍائي ملين رپين کان وڌيڪ نہ هجن؛ ....... 2500 رپيا

(c) جيڪي اڍائي ملين رپين کان مٿي هجن؛ ...... 5000 رپيا.

(ii)سيريل نمبر 5 جي شق (a) ۾ ڏنل داخلائن جو متبادل هن ريت ٿيندو: ۔

"(a) پنجاهہ هزار رپين کان مٿي پر ٻن لک رپين کان مٿي نہ هجي؛ ...... 500 رپيا.

6. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1965 جي دفعہ 10 کي ڪڍيو ويو.

1965 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ I جي ترميم

Amendment of

| | |
|---|---|
| West Pakistan Act I of 1965 | |
| 1971 جي سنڌ آرڊيننس VII جي دفعہ 2 جي منسوخي<br>Repeal of Section 2 of Sindh Ordinance VII of 1971 | 7. سنڌ فنانس آرڊيننس، 1971 جي دفعہ 2 کي ڪڍيو ويو. |
| 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي ترميم<br>Amendment of Sindh Act XV of 1975 | 8. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1975 جي دفعہ 8، جي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڪتب آيل لفظن "في مڻ پنجويهہ پئسا" کي لفظن "هڪ سئو ڪلو گرام تي پنجهتر پئسا" سان متبادل بڻايو ويندو. |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**